**حڪومت سنڌ**

آبپاشي کاتو

سنڌ ريزيليئنس منصوبي جي انتظامي ٽيم

(آبپاشي کاتو)

CREDIT NO. 5888-PK

## ڏَل ڏورو، گبول، نئينگ- 2، ٺلي، قاسم توڪ، سريشي، ٽِڪو-2، اپر مول-2 ۽ پانسَر راڻي ننڍين ڏيمن جي

# ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو





سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

جولاءِ 2018

**سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ**

**آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ**

# ڊَل ڀورو، گبول، نئينگ- 2، نَلي، قاسم توڪ، سريشي، تِڪو-2، اپر مول-2 ۽ پانسَر راڻي جي ننڍن ڊيمن جي ماحولياتي-سماجي انتظام ڪاري جو منصوبو (اينوائرنمنٽل ائنڊ سوشل مينجمنٽ پلان ( اِي ايس ايم پي)

## خلاصو

سنڌ حڪومت، عالمي بئنڪ جي مالي سهائتا سان، سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ قدرتي آفتن جي تدارڪ ڪرڻ جي بااختيار صوبائي اداري (پراونشل ڊزاسسٽر مينيجمنٽ اٿارٽي-پي ڊي ايم اي) ذريعي، سنڌ صوبي جي مختلف حصن ۾ سنڌ ريزيلنيس پروجيڪٽ (قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي منصوبي-ايس آرپي) جو آغاز ڪيو آهي.

ايس آرپي جي آبپاشي شعبي بابت نوس ڪمن ۾، سنڌو درياهه جي موجوده ڪچن بندن جي ڀيهر بحالي/بهتري ۽ صوبي جي آبي ڪوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي تي ڊيمن جي تعمير شامل آهي. ايس آر پي تي علمدرآمد جي پهرئين سال ۾، ڇهن ڊيمن جي تعمير جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو. ٻئي سال ۾، سنڌ حڪومت، برساتي پاڻي سان پرجنڊڙ نَو ڊيم ٺاهڻ جو منصوبو جوڙي رهي آهي. پانسَر راڻِي ڊيم، ٿرپارڪر ضلعي جي ننگر پارڪر علائقي ۾ واقع آهي، جڏهن ته نلي ۽ قاسم توڪ دادو ضلعي ۾ آهن. ساڳي ريت، ڊل ڀورو، گبول، نئينگ-2 سريشي، تِڪو-2 ۽ اپر مول ڊيم، ڄامشوري ضلعي ۾ آهن.

عالمي بئنڪ جي حفاظتي اپاءُ واري پاليسي ۽ قومي/صوبائي ضابطن جي بجا آوري ڪندي، ماحولياتي ۽ سماجي ڇڪاس شروع ڪئي وئي ته جيئن ايس آر پي جي تجويز ڪيل سرگرمين جي نتيجي ۾، منفي، نقصانڪار اثرن جو تدارڪ ڪري سگهجي.
ماحولياتي ۽ سماجي ڇڪاس واري فهرست استعمال ڪري، ذيلي پراجيڪٽن جي ماحولياتي درجي بندي ڪئي وئي.

امڪان آهي ته انهن ذيلي پروجيڪٽن جا گهٽ ۽ وچولي سطح جا، ماحولياتي ۽ سماجي اثر ظاهر ٿي سگهن ٿا تنهنڪري، عالمي بئنڪ طرفان تيار ۽ منظور شده ماحولياتي-سماجي انتظام ڪاري منصوبي جي خاڪي (اي ايس ايم ايف) دستاويز جي ماحولياتي درجي بندي معيار مطابق، اهي منصوبا درجي ب ۾ شمار ٿين ٿا.

سو، هن ماحولياتي-سماجي انتظام ڪاري جي منصوبي (اِي ايس ايم پي) کي عالمي بئنڪ جي ٻئي درجي جي منصوبن ۽ ايس آر پي تي عملدرآمد جي ٻئي مرحلي دوران ٿيندڙ ڪمن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ٺاهيو ويو آهي.

هن ماحولياتي-سماجي انتظام ڪاري جي منصوبي (اِي ايس ايم پي ۾) ذيلي منصوبن وارن علائقن جي، موجوده طبعي، حياتياتي، سماجي-اقتصادي ۽ ماحولياتي پهلوئن بابت معلومات شامل آهي. انهي ۾،منصوبي تي عملدرآمد ۽ سرگرمين دوران ماحول ۽ سماج تي پوندڙ ناڪاري اثرن کي قابل قبول سطح تائين آڻڻ لاءِ، نقصان جي شدت کي گهٽائڻ وارن اپائن جو هڪ مجموعو فراهم ڪيو ويو آهي.

ڪوهستان ۽ ننگرپارڪر سنڌ جي ذيلي منصوبن وارن علائقن ۾ شامل آهن. ڪوهستان، ڪيرٿر سلسلي جو جابلو علائقو آهي جنهن ۾، جبلن ۾ گهيريل پَٽ ۽ پٿريلا ميدان ٻئي اچي وڃن ٿا. انهن جبلن ۽ لهوارين ٽڪرين جي متانهين سطح، خالي پٿر جي آهي جنهن تي مٽي يا گاهه ٻوٽن جو تهه ناهي.

اونهاري (جون-آگسٽ) ۾ جڏهن برسات پوندي آهي تڏهن جبلن ۽ ٽڪرين وچ ۾ موجود هي ماٿري، گاهه ٻوٽن سان سائي ٿي ويندي آهي ۽ ٻني ڪاهڻ ممڪن ٿيندي آهي.
ڪوهستان جي جبلن مان پاڻي جون سوين ترايون ۽ چشما وهن ٿا جن جو پاڻي ڪاڇي تائين وڃي ٿو جتي مقامي هاري، ندين ۽ برساتي تراين کي روڪي، خشڪ زمين واري فصل کي ريج ڏين ٿا.

منصوبي اندر ايندڙ مقامي ڳوٺ ٻہ، ٻني ٻاري لاءِ مٿاڇري ڪان هيٺ جر جو پاڻي استعمال ڪن ٿا. ڪوهستان جي مختلف علائقن ۾، زميني پاڻي جي اونهائي 70 ڪان 350 فوٽ تائين آهي. جيڪڏهن ٻن سالن تائين مينهن نہ پون تہ، جر سڪي ويندو آهي ۽ مقامي آبادي کي ڪوبہ لاڀ نٿو ملي.

ڪوهستان جي علائقي ۾، زميني پاڻي وسيلي ٻيهر پرجندڙ تجويز ٿيل ڊيمن جي تعمير جي شروعات سان زميني پاڻي جي گهٽي وقت تائين فراهمي برقرار رکي سگهجي ٿي. ڊيمن ۾ گڏ ٿيل پاڻي، پروارن ماڻهن جي مال متاع کي پيارڻ لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. اهڙي تعمير ٿيل ڍانچي وسيلي نئين جي تيز وهڪري کي گهٽائي سگهبو ۽ زرخيز زمين جو ڪاٽڻ ۽ شهري سهولتن جهڙوڪ لنڪ روڊن، بجلي جي ٿنين ۽ مقامي انساني آبادي جي گهٽ تباهي ٿيندي.

ڪوهستان جي ذيلي منصوبن واري علائقن، ضلعي ڄامشوري ۽ دادو ۾ 8 ڊيمن جي تعمير تجويز ڪئي وئي آهي جن ۾ اپر مول-2، سريشي، ٽڪو-2 گبول، ڏل ڍورو، نئينگ-2، قاسم توڪ ۽ نلي ڊيم شامل آهن. ڪوهستان جي علائقي ۾ هن منصوبي تي عملدرآمد سان، مجموعي طورتي 289 گهرن جا 5204 ماڻهو فائدو حاصل ڪندا.

پاڻي نہ هئڻ سبب هن علائقي ۾ زراعت متاثر ٿي آهي. نتيجي ۾، برسات تي ٽيندڙ فصلن جي پيداوار ۾ گهٽتائي آئي آهي. ٻاجهري،جوئر ۽ هيرڻ، اونهاري جا اهم باراني فصل آهن جڏهن تہ سياري ۾ جوَ ۽ سرنهن پوکي ويندي آهي.

ماڻهن جي کائڻ لاءِ اناج پيدا ڪرڻ سان گڏ، هي فصل پن يا ڏانڊي/فصل جي باقي بچيل پاڇي مال جي چاري طور ڪتب آندا وڃن ٿا.

مقامي ماڻهن جي گذرسفر جو مکيہ بنياد چوپايو مال متاع آهي. علائقي ۾ پيئڻ جي پاڻي ۽ سائي گاهہ جي کوٽ، مال جي صحت کي گهڻو نقصان پهچايو آهي. مال موِيشين جو کير گهٽ ٿي ويو آهي جنهن سبب ماڻهن جي خوراڪ ۽ آمدني جي صورتحال پيچيده ٿي وئي آهي. مال جي چاري جي غير موجودگي سبب، ماڻهو، اهڙن پوکي لائق علائقن ڏانهن پنهنجو مال وٺي وڃڻ تي مجبور ٿيا آهن جتي بہ پاڻي جي کوٽ آهي.

پاڻي ڀري اچڻ لاءِ عورتن کي جيڪو پنڌ ڪرڻو پوي ٿو سو مختلف علائقن جهڙو ٿرپارڪر ۽ ڪوهستان ۾ هڪٻئي کان مختلف آهي. مثال طور ٿرپارڪر ۾، مرد توڙي مايون هڪڙي چڪر ۾ اٽ کان ڏهہ ڪلوميٽر پنڌ ڪن ٿا.

ڪوهستان ۾، اهي هڪڙي چڪر ۾، ٻہ کان چار ڪلوميٽر پنڌ ڪن ٿا. 1998-2000 ۾ ايندڙ خشڪ سالي، پاڪستان جي قيام کانپوءِ سڀ کان بدتر خشڪ سالي هئي. سنڌ ۾، ٿرپارڪر سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ضلعو هو. هزارين ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهہ ٿيو ۽ مال متاع مري ويا. هڪ اندازي مطابق هن خشڪ سالي کان 3.3 ملين ماڻهو متاثر ٿيا هئا، جن مان سوين ماڻهو اڃ ۽ بک وگهي مئا ۽ هزارين ماڻهو بي گهر ٿيا. اهو پڻ رپورٽ ٿيو تہ تقريبن 30 ملين جانور متاثر ٿيا هئا جن مان اندازن 20 لک مري ويا هئا. کير ۽ ان مان نهندڙ شيون ۽ گوشت يا تہ صفا غائب ٿي ويو يا تمام گهڻو گهٽجي ويو جيڪو، خاص طور ٻارن ۾ عدم غذائيت ۽ ناقص جسماني صحت جي نتيجي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. علائقي ۾ مال متاع جي محدود تعداد ۾ هئڻ سبب، جانورن ۽ انهن سان

منسلڪ ڪاڌ خوراڪ جي شين جي قيمتن ۾ اوچتي واڌ آئي. ٻني ٻاري سان لاڳاپيل ڪيئي ماڻهو بيروزگار ٿي ويا. ماڻهن جي خوراڪ واپرائڻ جي طور طريقي ۾ به تبديلي آئي ۽ اهي هڪڙي ڏينهن ۾ ٻن بدران هڪڙي ماني کائڻ لڳا.
(ذريعو:اينالسس آف ڊرائوٽ ڪوپنگ اسٽريٽيجز ان بلوچستان اينڊ سنڌ پراونس، آئي ڊبليو ايم آئي)

ڪوهستان ۾ پاڻي تي نهندڙ ڊيم، سيمي ذريعي جر جي سطح کي وڌائيندا، جيڪو ٽيوب ويلن يا کوهن وسيلي پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. جر جي مٿي پاڻي جي سطح کي ڀيهر ڀرڻ سان گڏ، هن سيڙپ سان مقامي ماڻهن ۽ مال متاع کي پيئڻ جو صاف پاڻي به ملي سگهندو. ذيلي منصوبن ذريعي واٽر سپلاءِ ۽ ٽيوب ويلن جي تعمير بابت ڪا مالي سهائتا نه ٿي رهي آهي. ننڍا ڊيم ناهڻ جو بنيادي مقصد جر جي پاڻي کي ڀيهر ڀرڻ آهي ۽ انهي کي ارادتن ائين ناهي ٺاهيو ويو جنهن سان زرعي ڪمن کي تقويت ملي. جڏهن ته ذخيرو ٽيل ڊيم (ننگرپارڪر جي پانسر راڻي ڊيم) مان پيئڻ لاءِ، گهريلو استعمال ۽ مال متاع توڙي جهنگلي جانورن جي پيئڻ لاءِ پاڻي سڌو آبي ذخيري مان کنيو ويندو. ڳوناڻن لاءِ پاڻي جي صفائي ۽ فراهمي جو سرشتو، بعد واري مرحلي ۾مقامي حڪومت طرفان تعمير ڪيو ويندو.

ننگر پارڪر جو علائقو، صحرائي خشڪ پٽي ۾ آهي. هن علائقي ۾ پاڻي گهٽ دستياب آهي ۽ زمين مٿان ڇدا جهنگ ۽ ٻوڙا ٿيندا آهن.زمين جي مکيه قدرتي ته مٿان گاهه ٿيندا آهن جيڪي جانورن لاءِ غذائيت وارو ذائقي دار چارو آهن. ٻٻُر، ٽالهي، ننِم، ڄار ۽ ڪِرڙ اهڙا وڻ ۽ ڪانڊيرا آهن جيڪي هن علائقي ۾ ملن ٿا. هن علائقي کي پاڻي جي فراهمي جو مکيه وسيلو، مند ۾ پوندڙ برساتون آهن جيڪي جر کي ڀيهر ڀرين ٿيون ۽ ساوڪ وڌائين ٿيون ۽ جانورن جي چاري طور گاهه پيدا ڪن ٿيون. هن علائقي جي ڪجهه حصن ۾، مقامي ماڻهو برساتن کي فصل لاءِ ربيع طور استعمال ڪندا آهن. برساتي پاڻي مختلف نين ۾ وهي ايندو آهي جيڪو آخر ۾ يا ته سمنڊ ۾ يا وري انهي کان به اڳتي ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ وڃي ڪندو آهي. پيئڻ جي پاڻي جا مکيه ذريعا کوهه آهن ۽ ننگرپارڪر جي مختلف علائقن ۾ انهن جي اونهائي 70 کان 80 فوٽن تائين آهي. مند جي پاڻي جو ٻيو وڏو وسيلو هترادو نهيل روايتي تلاءَ آهن جيڪي زمين کي کوٽي ٺاهيا وڃن ٿا جن ۾ پوءِ ميداني سطح جو پاڻي لڙي اچي پوي ٿو. اهي تلاءَ برسات جي موسم ۾ خاص ڪري اونهاري جي مهينن ۾ ڀرجن ٿا جڏهن برساتون وسن ۽ انهن مان ماڻهن توڙي جانورن جي استعمال لاءِ 2 کان 6 مهينن تائين پاڻي مهيا ٿئي ٿو.اهي جر جي پاڻي جي ته کي ڀيهر ڀرڻ ۾ پڻ مدد ڪن ٿيون. ڳوناڻيون عورتون سراسري طور 8 کان 10 ڪلوميٽر پنڌ ڪري پنهنجن ڳوٺن کان مٿي جي تلائن

تان پاڻي پرڻ وجن ٿيون. ايس آر پي تحت، ننگر پارڪر جي علائقي ۾، ٻئي مرحلي ۾ پانسر راڻي وٽ هڪ ننڍو ڊيم تجويز ڪجي ٿو. هي ڊيم ڳوٺ پير بخش سمون، ٿرپارڪر ضلعي جي ننگرپارڪر تعلقي ۾ واقع آهي. هن مجوزه ڍانچي سان، پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو حل نڪرندو ۽ سال جي گهڻي ڀاڱي مقامي ماڻهن کي نسبتن منو پاڻي دستياب هوندو. پانسر راڻي ڊيم جي نهڻ سان، هن منصوبي جي ڪم مان مجموعي طور 460 گهرن جا 3860 مرد ۽ عورتون مستفيد ٿيندا. گذريل ٻن ڪان ٽن مندن دوران چڱين برساتن جي نہ پوڻ سبب، ٿرپارڪر ۽ سنڌ جي ٻين خشڪ ڀاڱن ۾ خشڪ سالي جي هنگامي صورتحال پيدا ٿي آهي. سال 2017 ۾ ايف اي او ۽ يورپين يونين پاران سنڌ ڊرائوٽ اسيسمنٽ (سنڌ ۾ خشڪ سالي جي پيمائش) مطابق، ننگر پارڪر جا 100 سيڪڙو علائقا پاڻي جي شديد کوٽ جو شڪار هئا. سال 2018 ۾، مند ۾ لاڳيتو برساتون نہ پوڻ سبب، صورتحال اجان وڌيڪ بدتر ٿي آهي. (ملڪ ۾) برساتن جي قومي شرح سراسري شرح کان 24.4 سيڪڙو گهٽ آهي. سنڌ سڀ کان گهٽو تڪليف ۾ آهي جو هتي سراسري شرح کان 69.5 سيڪڙو گهٽ برسات پوي ٿي. هن صورتحال جا، هن علائقي جي ماڻهن جي زراعت ۽ گهريلو ضرورتن تي خراب اثر پيا آهن جنهن سان غربت ۽ ٻارن ۾ غذائي کوٽ جهڙا مسئلا اجان وڌيڪ شديد ٿيا آهن. صرف ٿرپارڪر ضلعي ۾، آگسٽ 2018 دوران ٺو ٻار مري ويا آهن ۽ 2018 ۾ مجموعي طور، 375 ٻار غذائي کوٽ سبب مري ويا آهن. ڊگهي وقت تائين فصلن جي گهٽ پيداوار سبب، غذائي عدم تحفظ ۽ ڪاڌي جي کوٽ جهڙا مامرا اجان بدتر ٿيا آهن چاڪاڻ تہ ماڻهو پنهنجي ڪاڻ جون شيون کپائڻ تي مجبور ٿيا آهن. صاف پاڻي تائين پهچ بہ تمام گهٽي محدود ٿي آهي جنهن ڪارڻ پاڻي مان پيدا ٿيندڙ بيماريون پيدا ٿين ٿيون ۽ شهرين جي صحت متاثر ٿئي ٿي. پاڪستان جي موسميات کاتي جي پيشگوئي مطابق ويجهي مستقبل ۾ مناسب برساتن جو امڪان ناهي جنهن جو مطلب هي آهي تہ گهٽ ٿيندڙ وسيلن سان گڏ صورتحال اجان بگڙجندي. فصلن جي پيداوار اجان گهٽ ٿيندي، ٻئي طرف جانورن جي مرڻ ۾ واڌ ايندي. پاڻي ۽ غذائي فراهمي جي گهٽجڻ سان مقامي ماڻهو پنهنجي صحت جي حوالي سان اجان وڌيڪ پوڳيندا.

ذريعو: http://www.actalliance.org

هنن ذيلي منصوبن لاءِ ڪابہ خانگي زمين درڪار ناهي چاڪاڻ تہ نئيون ۽ نالا حڪومت جي ملڪيت آهن. ان ڪانسواءِ، ڪنهن بہ عمارتي ڍانچي کي ڪيرائڻ جي ضرورت نہ پوندي ۽ ڪنهن کي بہ لڏ پلاڻ نہ ڪرائي ويندي چاڪاڻ تہ ذيلي منصوبي وارا علائقا گهٽ آبادي واري علائقي ۾ واقع آهن جتي ٽڙيل پکڙيل آبادي آهي. تنهن هوندي بہ، آبادي لائق خانگي يا سرڪاري زمين جي عارضي استعمال، ڪئمپون تعمير ڪرڻ/ استعمال هيٺ زمين جي کوٽائي ڪرڻ، ٻاهرين مزدورن جي اچڻ، وڃڻ جي واڌي ٿيڻ، گندي پاڻي جو تدارڪ نہ ڪرڻ، مزدورن ۽ ڳوٺاڻن جي ڪم دوران صحتيابي

۽ تحفظ جي معاملن سان سماجي ۽ ماحولياتي اثر پيدا ٿيندا. تنهنڪري، ماحولياتي-سماجي انتظام ڪاري جو منصوبو (اِي ايس ايم پي) تيار ڪيو ويو آهي.

ننڍن ڊيمن جي ذيلي منصوبي ۾ 10 کان 15 فوٽ اوچا مٽي جا ڪچا بند ۽ واڌ پاڻي جي نيڪال لاءِ پڪا نالا ناهڻ شامل آهي. تعميرات سان واسطو رکندڙ ماحولياتي گدلاڻ جهڙوڪ هوا جي خراب ٿيڻ، گوڙ ۽ ڳوناڻن جي وسيلن جي استعمال ڪي، نقصان جي شدت گهٽائڻ وارن اپائُن ذريعي ڪافي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ، ڊيمن جي ذيلي منصوبن جي تعمير سان، ذيلي منصوبن واري علائقي ۾، نباتات ۾ ڪا قابل ذڪر نقصانڪار ماحولياتي تبديلي نہ ايندي. بلڪ ڊگهي مدي ۾ ماحولياتي صورتحال اجان وڌيڪ بهتري ٿيندي. تنهن هوندي بہ، تعمير واري عرصي ۾ رپورٽ ۾ تجويز ڪيل نقصان جي شدت کي گهٽ ڪرڻ وارن اپائن تي، ٺيڪيدار پاران عملدرآمد جي خاطري ڪرائڻ ضروري آهي. مناسب چڪاس ۽ مشينن ۽ گاڏين جي سار سنڀال تہ جيئن اهي دونهون گهٽ خارج ڪن، ڳرين مشينن جي آواز کي گهٽ ڪندڙ يا ڍڪيندڙ اوزارن، ناهموار رستن تي ڇٽڪار ڪرڻ، تعميراتي ڪم جي ملبي/بچيل سامان کي مناسب انداز ۾ نڪاڻي لڳائڻ ۽ انهي کي اتان يڪدم هٽائڻ، ذخيرو ڪرڻ جي درست طريقن ذريعي پاڻي خراب ٿيڻ جي عمل تي ضابطو آڻڻ، تيل جي زيان جو بندوبست ڪرڻ، منصوبي واري هنڌ ضايع ٿيندڙ پاڻي صاف ڪرڻ، نوس فُضلي کي صاف سٿري هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ گڏ ٿيل گند ڪچري کي بار بار نڪاڻي لڳائڻ سان متوقع ناڪاري اثرن جو اپاءُ ڪري سگهجي ٿو. بيمارين ۽ حادثن جي روڪٿام لاءِ مسلسل چڪاس ڪرڻ، مزدورن ۽ ڳوناڻن کي باخبر رکڻ، صفائي سٿرائي جا اپاءُ وٺڻ، هنگامي امداد ۽ سهائتا جا طور طريقا هئڻ، صفائي جي بهتر سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جي پاڻي ۽ مزدورن لاءِ گند ڪچري جي دٻن جي فراهمي ذريعي پيشيوراڻي صحت ۽ بچاءُ جي خاطري ڪرائبي. نقصان جي شدت گهٽائڻ وارا اپاءُ جنهن جو تفصيل هن اي ايس ايم پي ۾ ٻڌائي وئي آهي، تي عملدرآمد ڪرڻ سان، هن علائقي جي طبعي، حياتياتي ۽ سماجي-معاشي ماحول تي ڪي بہ قابل ذڪر ۽ ڏرو رس اثر نہ پوندا بلڪ انهي جا اهڙا اهم مثبت اثر پوندا جن جا آخر ۾هن علائقي لاءِ جٽادار ترقي جي صورت ۾ نتيجا ظاهر ٿيندا. انهي سان گڏ، هن ۾، نقصان جي شدت گهٽائڻ جي اپائن ۽ انهن جي چڪاس ڪرڻ، فيلڊ عملي جون صلاحيتون وڌائڻ ۽ سندن تربيت ڪرڻ، عملدرآمد ۽ تخميني جا اندازا ۽ شڪايتن جي ازالي ڪرڻ (جِي آر ايم) جي اداراتي بندوبست جي واضح تشريح بہ ڏني وئي آهي. ماحولياتي-سماجي انتظام ڪاري جي منصوبي (اي ايس ايم پي) جي حصي طور،لاڳاپيل ڌرين، خاص طور مقامي ماڻهن سان مشاورت بہ ڪئي وئي آهي. اهڙي پڪ ڪرڻ لاءِ تہ نقصان جي شدت کي گهٽائڻ وارن منصوبن تي پابندي سان ۽ موثر انداز ۾ عملدرآمد ٿي رهيو آهي، ماحولياتي ۽ سماجي (اينوائرنمنٽل اينڊ سوشل) حفاظتي اپائن واري چڪاس کي اڳتي وڌايو ويندو. انهي کي ٽن سطحن

تي اڳتي وڌايو ويندو: منصوبي تي عملدرآمد ڪرڻ جي ٽيم (پي ايم ٽي) جي سطح تي، سماجي ۽ ماحولياتي ماهر، حفاظتي اپائن جي چڪاس ڪندا ته نقصان جي شدت کي گهٽائڻ وارن منصوبن تي موثر طريقي سان عملدرآمد ٿي رهيو آهي ۽ (انهي ڏس ۾) مسلسل فيلڊ دورا ڪندا. فيلڊ جي سطح تي، منصوبي تي عملدرآرمد ڪرائيندڙ صلاحڪار (پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس) جو واسطيدار عملو، حفاظتي اپائن جي چڪاس لاءِ مسلسل وڏيڪ دورا ڪندو. ٽين سطح تي، منصوبي تي عملدرآرمد ڪرائيندڙ صلاحڪار (پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس) ۽ منصوبي تي عملدرآمد واري ٽيم( پي ايم ٽي) جو ماحولياتي-سماجي انتظامڪاري يونٽ، ماحولياتي-سماجي انتظامڪاري منصوبي (اِي ايس ايم پي) تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ ماهوار، ٽماهي ۽ ساليانيون رپورٽون ناهيندا. ايس آرپي منصوبي تي عملدرآمد جي مجموعي ذميواري ۽ موجوده ماحولياتي-سماجي انتظامڪاري منصوبي جي انتظام ڪاري ٽيم (پي ايم ٽي)، سنڌ آبپاشي ڪاتي تي عائد آهي، جنهن جي رهنمائي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪري رهيو آهي. منصوبي جي انتظام ڪاري ٽيم کي ماحولياتي ۽ سماجي اتنظامڪاري يونٽ (اِي ايس ايم يو) جي سهائتا حاصل آهي جنهن کي ٽيم مان ئي تشڪيل ڏنو ويو آهي. منصوبي جي انتظام ڪاري ٽيم (پي ايم ٽي) ۾ منصوبي تي عملدرآمد، سهائتا ۽ نگراني وارن صلاحڪارن ( پي آئي ايس ايس سي) کي به شامل ڪيو آهي جيڪي تعميراتي ڪم جي نگراني ڪندا.

ماحولياتي-سماجي انتظامڪاري جي منصوبي تي عملدرآمد ڪرڻ جي نگراني ۽ چڪاس ڪرڻ لاءِ، منصوبي تي عملدرآرمد ڪرائيندڙ صلاحڪار (پي آئي ايس ايس سي) وٽ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر پڻ موجود آهن. آخر ۾، تعميراتي ڪم جي ٺيڪيدار وٽ به موجوده اي ايس ايم پي ۾ ٻڌايل نقصان جي شدت کي گهٽ ڪرڻ وارن اپائن ۽ ٻين گُهرجن تي عملدرِآمد ڪرائڻ لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي نگران/آفيسر موجود آهن. انهي مقصد لاءِ، تعميرات واري معاهدي ۾ معقول قانوني شقون شامل ڪيون وينديون. ذيلي منصوبي جي سرگرمين جي ٻاهرين چڪاس يا ٽين ڌر واري تصديق لاءِ، پروجيڪٽ مينجمنٽ ٽيم، ماحولياتي/سماجي نگراني ۽ تشخيص وارن صلاحڪارن (اي ايس ايم ائنڊ اي سي) کي به شامل ڪيو آهي. اندازي مطابق، مٿي ٻڌايل نو ڊيمن جي تعمير لاءِ چوهتر وڻ وڍيا ويندا. ڪٽيل وڻن جي مقابلي ۾، پنجوڻ تي وڌيڪ وڻ ٻيهر پوکڻ جو خرچ، في وڻ جي قيمت جيڪر هڪ هزار رپيا لڳي ته ٿي لک ستر هزار رپيا لاڳت ايندي. ماحولياتي-سماجي انتظامڪاري جي منصوبي (اي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ 67828160 جي الڳ بجيٽ رکي وئي آهي.